سنڌي

# حورون افضل يا جنتي عورتون؟



شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: حورون افضل يا جنتي عورتون

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1444هه ، آڪٽوبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب نيڪي جي دعوت مان ورتل رسالو

# حورون افضل يا جنتي عورتون ؟

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# حورون افضل يا جنتي عورتون ؟

**دعاءِ عطار:** يارَبَّ المصطفي: جيڪو بہ مڪمل رسالو ”حورون افضل يا جنتي عورتون؟“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي خوب نيڪيون ڪرڻ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عَوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن نبين جا سردار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي گهران ٻاهر نڪتا ۽ هڪ باغ ڏانهن رُخ ڪيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏسي سندن پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم باغ ۾ داخِل ٿيا، قبلي ڏانهن منهن ڪيو ۽ متو سجدي ۾ رکيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پري ويهي ڏسندا رهيا، فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام ڊگهو سجدو ڪيو، ايستائين جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي سجدي ئي جي حالت ۾ الله پاڪ رُوح مُبارَڪ قبض نہ ڪري ورتو هجي، اهو خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس، منهنجي قدمن جو آواز ٻُڌي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم متو مُبارَڪ کڻي پڇيو: ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: حُضُور! عَبدُالرَّحمٰن. فرمايائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو:

يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! اوهان ايترو ڊگهو سجدو ڪيو، مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي الله پاڪ سجدي ئي ۾ رُوح مُبَارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي.

سچي عاشق جي محبت پري ڳالهه ٻڌي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڊگهي سجدي جي حڪمت بيان ڪندي فرمايو: مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام حاضِر ٿي ٻڌايو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! جيڪو اوهان تي درود پڙهندو، مان ان تي رحمتون نازِل ڪندس، جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي موڪليندس. ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايترو ڊگهو سجدو ڪيو.[1]

زمانے والے ستائیں، دُرودِ پاک پڑھو جہاں کے غم جو رُلائیں، دُرودِ پاک پڑھو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا (نيڪي جي دعوت ڏيندي گناهن کان ديڄارڻ جي لاءِ) ارشاد فرمائن ٿا: **اي گناهه ڪرڻ وارا!** تون ”بري خاتمي“ کان بي خوف نه ٿيءُ ۽ جڏهن تون کو گناهه ڪري وٺين ته هن کان پوءِ ان کان وڌو گناهه نه ڪر، تنهنجو ڪابي ساڄي پاسي جي ملائڪن کان حياء ۾ گهٽتائي ڪرڻ ان گناهه

(1) (مسنداماما احمد، 406/1،حديث: 11662)

کان وڏو گناھ آھي جيڪو تو ڪيو، ۽ تنھنجو گناھ ڪرڻ تي خوش ٿيڻ ان کان بہ وڏو گناھ آھي جڏھن تہ تون نٿو ڄاڻين تہ الله پاڪ تو سان ڪھڙو سلوڪ فرمائڻ وارو آھي، ۽ تنھنجو ڪنھن **گناھ تي رھجي وڃڻ تي غمگين ٿيڻ** ان کان بہ وڏو گناھ آھي ۽ تون (ڪيڏو نہ نادان آھين جو لڪي ڪري) گناھ (يا بدڪاري) ڪندي تيز ھوا سان **در جو پردو ھٽي وڃي تہ** ڊڄي وڃين ٿو پر تنھنجي دل ان ڳالھ کان نٿي ڊڄي تہ الله پاڪ تون کي ڏسي رھيو آھي، تنھنجو (خدا کان نہ ڊڄڻ جو) ھي عمل ان کان بہ وڏو گناھ آھي. (تاريخ ابن عساکر،60/10۔جمع الجوامع 105/15،حديث:12462)

سِلسلہ آہ! گناہوں کا بڑھا جاتا ہے
نِت نیا جُرم ہر اک آن ہوا جاتا ہے
امتحاں کے کہاں قابِل ہوں میں پیارے اللہ
بے سبب بخش دے مولیٰ تِرا کیا جاتا ہے
(وسائلِ بخشش ص۱۲۶)

## گناھ جي باري ۾ نيڪ ۽ بد جي پنھنجي پنھنجي ڪيفيت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪيڏي نہ پياري انداز ۾ نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي آھي! واقعي گناھ وري بہ گناھ آھي ان کان بچڻ ئي ڪپي، الله پاڪ جا نيڪ ٻانھا ان کان تمام گھڻو ڊڄندا ھئا پر گناھن جا عادي انسان ان جي ذرو بہ پرواھ نٿا ڪن جيئن تہ ”بخاري شريف“ ۾ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آھي: مؤمن پنھنجي گناھن کي ان انداز سان ڏسي رھيو ھوندو آھي ڄڻ تہ اھو ڪنھن جبل ھيٺان وينو آھي ۽ ان کي ڊپ آھي تہ ڪٿي ھي جبل ان جي مٿان نہ

اچي ڪري، جڏهن تہ فاسِق ۽ فاجر جي ويجهو گناهن جو معاملو ائين آهي جڻ ڪا مک ان جي نڪ تي ويني آهي ۽ ان هٿ جي اشاري سان اڏاري ڇڏي. (بخاري ج 4 ص 190 حديث 6308)

## رڇ پولڙي جو تماشو ڏسڻ حرام آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي نيڪي جي دعوت ۾ گناهہ ڪرڻ کان رهجي ويندڙ جي غمگين ٿيڻ جي باري ۾ بہ ذڪر آهي، انهيءَ ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" صفحي 286 تي ڏنل عبرت جا مدني گل حاضر آهن جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ناجائز ڳالهہ جو تماشو ڏسڻ بہ ناجائز آهي، پولڙو نچائڻ حرام آهي ان جو تماشو ڏسڻ بہ حرام آهي، دُرِّمُختار ۽ حاشيہ علامہ طَحطاوي ۾ انهن مسئلن جي تصريح (يعني واضح بيان) آهي اڄڪلهہ ماڻهو انهن (احڪامن) کان غافل آهن، مُتقِي ماڻهو جنهن کي شريعت جو احتياط آهي، ناواقفي سبب رڇ يا پولڙن يا ڪڪڙن جو ميل (يعني ترڪيب سان ڪرائي ويندڙ ويڙهہ) ڏسندا آهن ۽ هي نٿا ڄاڻن تہ ان جي ڪري گنهگار ٿيندا آهن. حديث ۾ ارشاد آهي: "جيڪڏهن ڪو مجمع خير (يعني ڀلائي جو اجتماع وغيره) ٿئي ۽ اهو نہ وڃي سگهيو ۽ خبر پوڻ تي ان افسوس

ڪيو تہ اوترو ئي ثواب ملندو جيترو حاضرين کي، ۽ جيڪڏهن مجمعِ شر (يعني برائي جو ميڙ مثلاً ميوزيڪل پروگرام) ٿئي ان پنهنجي نہ وڃڻ تي افسوس ڪيو تہ جيڪو گناهہ حاضرين تي ٿيو ان تي بہ (ٿيندو) “

مولیٰ مجھ کو نیک بنادے اپنی اُلفت دل میں بسادے
بہرِ صَفا اور بہرِ مَروہ یا اللہ مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش ص۱۰۷)

## ماڻهن جي سامهون ”نيڪ بڻجندڙ“ جي قبر جو احوال

**حضرت سيدنا ابراهيم تَيمِي** رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْہ (اخلاص جي باري ۾ نيڪي جي دعوت ڏيندي ارشاد) فرمائن ٿا: مان موت ۽ پنهنجي متجي وڃڻ کي ياد ڪرڻ جي لاءِ گهڻو قبرستان ۾ ايندو ويندو هئس، هڪ رات قبرستان ۾ مون کي ننڊ اچي وئي ۽ مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ قبر ڦاٽي ۽ آواز آيو: هي زنجير وٺو ۽ هن جي وات ۾ داخل ڪري ان جي پنيان شرم گاهہ مان ڪڍو، تہ اهو مردو (گهبرائجي) چوڻ لڳو: يا رب ڪريم! ڇا مان قرآن نہ پڙهندو هئس؟ ڇا مان بيت اللہ جو حج نہ ڪندو هئس؟ اهڙي طرح هو هڪ هڪ ڪري پنهنجون نيڪيون ڳڻائڻ لڳو تہ وري آواز گونجڻ لڳو: بيشڪ هي ماڻهن جي سامهون تہ اهي عمل ڪندو هو پر جڏهن اڪيلائي ۾ هوندو هو تہ نافرمانين جي

ذريعي مون سان جنگ جو اعلان ڪندو هو ۽ مون کان نہ ڊڄندو هو. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 1 ص 31)

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی (وسائلِ بخشش ص۷۸)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏڪي وڃو! گهٻرائي ڪري توبہ ڪريو! هتي اهي نيڪ نمازي ۽ ظاهري طور سنتن جا عادي اسلامي ڀائر عبرت حاصل ڪن جيڪي سيني جي سامهون صرف ڏيکارڻ جي لاءِ فرض تہ فرض نفل بہ ادا ڪندا آهن پر تنهائي ۾ عمل ڪرڻ سان غفلت اختيار ڪندا آهن، نيڪ نظر اچڻ جي لاءِ عوام ۾ تہ خوب حسنِ اخلاق جا پيڪر بڻجندا هر هڪ کي احترام سان جهڪي ڪري سلام ڪندا ۽ ”**جي سائين**“ سان مخاطب ٿيندا آهن پر گهر ۾ شينهن جيان گجگوڙ ڪندا آهن، خوب تڪرار ۽ دل آزاري واري گفتگو ڪندا بلڪ مار ڪُٽ وغيره کان بہ نہ مڙندا آهن.

چُھپ کے لوگوں سے کئے جس کے گناہ
وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے (حدائقِ بخشش شريف)

شرح ڪلام رضا: هن شعر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمائن ٿا: اي گناهہ ڪرڻ وارا! تو ماڻهن کان تہ پنهنجا گناهہ لڪائي ڇڏيا، پر هي وساري وينين تہ جنهن پروردگار جون نافرمانيون ڪيون اٿئي اهو تنهنجي انهن ڪارنامن سان واقف آهي. هاءِ! هاڻي محشر ۾ تنهنجو ڇا ٿيندو!

ڏيکاءُ جي عمل کان توبہ ڪيو، الله پاڪ توبہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آهي، مڪتبة المدينہ جي ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ (جلد 2) صفحي 866 کان 867 تي آهي: تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: گناهہ تي شرمسار ٿيڻ وارو الله پاڪ جي طرفان رحمت جو انتظار ڪندو آهي ۽ گناهہ تي آڪڙجڻ (يعني نادم نہ ٿيڻ) وارو ناراضگي جو انتظار ڪندو آهي ۽ اي الله پاڪ جا ٻانهؤ! ياد رکو! عنقريب هر (سٺو يا برو) عمل ڪرڻ وارو پنهنجي عمل جي ڪري اڳيان وڌندو ۽ دنيا ۾ وڃڻ کان پهريان پنهنجي سٺي ۽ بري عمل جو بدلو ڏسي وٺندو ۽ **اعمال جو دارومدار خاتمن تي آهي** ۽ ڏينهن ۽ رات بہ سواريون آهن تنهنڪري ان جي ذريعي آخرت جي طرف سٺو سفر اختيار ڪريو ۽ توبہ ۾ تاخير ڪرڻ کان بچو، ڇوتہ موت اوچتو ايندو آهي ۽ توهان مان ڪو الله پاڪ جي حِلم (يعني نرمي) کان هرگز دوکي ۾ نہ رهي، بيشڪ باهہ توهان مان هر هڪ جي جتي جي تسمي کان بہ وڌيڪ قريب آهي“ پوءِ شهنشاهِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي (يعني سيپاري 30 سورة الزلزال آيت نمبر 7 ۽ 8) تلاوت فرمايون:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝

**ترجمو ڪنزالعرفان:** پوءِ جيڪو هڪ ذري برابر ڀلائي ڪري اهو ان کي ڏسندو. ۽ جيڪو هڪ ذري برابر بُرائي ڪري اهو ان کي ڏسندو.

## گناهن تي ندامت جو نالو توبہ آهي

الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: اَلنَّدَمُ تَوبَةٌ يعني (گناهه تي) شرمسار ٿيڻ توبہ آهي.

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 492 حديث 4252)

## ندامت جي وضاحت

يعني شرمندگي ۽ ندامت توبہ جو هڪ وڏو رڪن آهي جيئن هڪ حديث شريف ۾ آهي: حج وقوف عَرفہ جو نالو آهي. (ترمذي ج 2 ص 254 حديث 890) ندامت ۾ هي بہ ضروري آهي تہ اهو نافرماني ۽ ان جي قباحت (يعني برو هجڻ) ۽ آخرت جي خوف جي ڪري هجي، صرف دنياوي بي عزتي يا گناهن ۾ مال ضايع هجڻ جي ڪري نہ هجي .

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: الله پاڪ ڪنهن ٻانهي جي گناهه تي نادم (يعني شرمسار) ٿيڻ کي ملاحظ فرمائي ڪري ان جي توبہ کان پهريان ان کي معاف فرمائيندو آهي. (المستدرڪ للحاڪم ج 5 ص 360 حديث 7721)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ستر هزار ڪنيزن جي جُهرمٽ ۾ هلڻ واري حور

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو خوش نصيب پنهنجي نيڪين تي وڏائي نہ ڪندو، الله پاڪ جي بي نيازي کي نہ وساريندو، نيڪيون ڪرڻ باوجود اخلاص جي ڪمي جي خوف سان ڏڪندو ۽ اشڪباري ڪندو اهو ڪامياب آهي، الله پاڪ جي رحمت سان کِلندي جنت ۾ داخل ٿيندو. جنت جي آرزو ۾ **عاشقان رسول** سان گڏ سنتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سفر ڪريو، **”نيڪ اعمال“ جي مطابق عمل ڪيو** ۽ **نيڪي جي دعوت جون** ڌومون مچائيندا رهو. نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جو بہ ڇا تہ خوب شان آهي جو جنت جي عظيم الشان حور ان جي انتظار ۾ هوندي جيئن حُجَّةُ الِاسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا، حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جنت ۾ هڪ حور جنهن کي ”عَيناء“ چيو ويندو آهي جڏهن اها هلندي آهي تہ ان جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي 70 هزار خادمائون هلنديون آهن اها حور چوندي آهي: **نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارا ۽ برائي کان روڪڻ وارا ڪاٿي آهن؟**

(احياءُ العلوم ج 5 ص 310)

## حورن جي باري ۾ تي فرامين مصطفيٰ ﷺ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مرحبا! نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جو رتبو ڪيڏو نہ اعليٰ آهي جو عَيناء جهڙي عاليشان حور جنت ۾ ان جي مُنتَظِر آهي! ”حور“ بہ الله پاڪ جي عظيم مخلوق آهي!

انهيءَ ضمن ۾ **ٽي فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ملاحظ فرمايو:**

﴿1﴾ جنتي عورت جي مٿي جو رئو دُنيا ومَافِيهَا(يعني دنيا ۽ هن ۾ جيڪو ڪجھ آهي اُن) کان بهتر آهي. (بخاري ج 2 ص 252 حديث 2796) ﴿2﴾ هر جنتي کي وڏين وڏين اکين وارين حورن مان ٻه زالون اهڙيون ملنديون جو 70 وڳا پاتل هوندا پوءِ به ان جي لباس ۽ گوشت جي پاهران انهن جي پنين جو مغز ڏسڻ ۾ ايندو جيئن سفيد شيشي ۾ ڳاڙهو شراب ڏسڻ ۾ ايندو آهي. (المعجمُ الکبير ج 10 ص 160 حديث 10321) ﴿3﴾ ادنيٰ جنتي وٽ دنيا جي گھر وارين کان علاوه 72 حورون هونديون.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 3 ص 640 حديث 10932)

## مرد کي حور ملندي جنّتي عورت کي ڇا ملندو؟

**سوال:** جنتي مرد کي حور ملندي، جنتي عورت جي لاءِ ڇا آهي؟

**جواب:** جيڪي زال مڙس جنت ۾ ويندا اهي اتي به گڏجي رهندا ۽ جنهن عورت جو مڙس معاذالله جهنم ۾ ويندو ان جو جنتي مرد سان نڪاح ڪيو ويندو.

## ننڍي ٻار جو جنّت ۾ نڪاح

**سوال:** ننڍو ٻار جنت ۾ ويندو ته ڇا ان جو به نڪاح ٿيندو؟

**جواب:** جي ها، حضرت سيدنا امام احمد بن حجر مڪي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ننڍو ٻار حشر ۾ دنياوي عمر ۽ جسامت تي اٿاريو ويندو پوءِ جنّت ۾ داخلي جي وقت ان جي جسامت وڌائي

ويندي ۽ اهو بالغ جيان جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ دنياوي عورتن ۽ حورن سان ان جو نڪاح ڪيو ويندو. (فتاوٰي حديثيه ص 245)

## ڪنوارا فوت ٿيڻ وارن جو نڪاح

**سوال**: جيڪي مسلمان مرد ۽ عورتون ڪنوارپ ۾ انتقال ڪري وڃن ته، ڇا انهن جي نڪاح جي به ڪا صورت هوندي؟

**جواب**: جن مردن يا عورتن جو سڄي زندگي نڪاح ناهي ٿيندو انهن جو به جنت ۾ هڪ ٻئي سان نڪاح ڪيو ويندو.

## جنتي عورتون افضل آهن يا حورون؟

**سوال**: دنيا جون جنتي عورتون افضل آهن يا حورون؟

**جواب**: دنيا جون جنتي عورتون افضل آهن جيئن "طبراني" جي هڪ وڏي حديث شريف ۾ هي به آهي: اُمّ المومنين حضرت سيدتنا اُمِ سَلَمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! دنيا جون عورتون افضل آهن يا وڏين اکين واريون جنتي حورون؟ ته پاڻ صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: دنيا جون عورتون وڏين اکين وارين جنتي حورن کان افضل آهن، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن سبب؟ ته پاڻ صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هي انهن جي نماز ۽ روزي ۽ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جي ڪري افضل آهن. (المعجم الڪبير للطبراني ج 23 ص 367 حديث 870)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: دنيا جون جنتي عورتون حورن کان 70 هزار درجا افضل آهن. (التذڪرة للقرطبي ص 458)

جليل القدر تابعي حضرت سيدنا حِبان بن ابو جَبلہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنيا جون اهي عورتون جيڪي جنت ۾ وينديون پنهنجي نيڪ ڪمن جي ڪري جنت جي حورن کان افضل هونديون.

(تفسير قرطبي ج 16 ص 113)

## ڪيئي مڙسن واري جنت ۾ ڪنهن سان گڏ هونديون؟

**سوال** : پهرين مڙس جي فوت ٿي وڃڻ يا طلاق ٿيڻ جي صورت ۾ جنهن عورت هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪيون هونديون ته اها جنت ۾ ڪنهن سان گڏ رهندي؟

**جواب**: جيڪڏهن ڪا عورت هڪ کان وڌيڪ مردن جي نڪاح ۾ آئي هجي ته هڪ قول جي مطابق جنهن جي نڪاح ۾ سڀ کان آخر ۾ آئي جنت ۾ ان سان گڏ هوندي جيئن ته حضرت سيدنا ابودرداء رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر، محبوب ربِّ اڪبر صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ روح پرور آهي: عورت جنت ۾ پنهنجي ان مڙس جي نڪاح ۾ ڏني ويندي جيڪو دنيا ۾ ان جو سڀ کان آخري مڙس هو.

(مسندالشاميين للطبراني ج 2 ص 359 حديث 1496)

ٻيو قول هي آهي جنهن جو اخلاق وڌيڪ سنو هوندو ان کي ملندي، جيئن اُمُّ المُومِنين حضرت سيدتنا اُمِّ سَلمہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪجھ عورتون دنيا ۾ ٻہ ٽي يا چار مڙسن سان (هڪ کان پوءِ ٻئي سان) شادي ڪن ٿيون پوءِ مرڻ کان بعد اهي جنت ۾ گڏ ٿين ته اها عورت ڪهڙي مڙس جي لاءِ

هوندي؟ ارشاد فرمايو: ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ سڀ کان سٺو هوندو، اها ان کي اختيار کندي اها چوندي: اي منهنجا رب ڪريم! منهنجي هن مڙس جو اخلاق سڀني کان سٺو هو، تنهنڪري ان سان منهنجو نڪاح فرمائي ڇڏ. (المعجم الکبير ج 23 ص 367 حديث 870)

انهيءَ ٻنهي حديثن ۾ ڪو تعارُض (يعني ٽڪراءُ) ناهي، جيئن ته حضرت سيدنا امام احمد بن حَجَر مڪي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جنهن عورت هڪ کان پوءِ ٻيا ٻہ ڪيئي نڪاح ڪيا هجن ته هڪ صورت هي آهي ته هر مڙس ان کي طلاق ڏني هجي ۽ جڏهن اها فوت ٿي ته ڪنهن جي ”نڪاح“ ۾ نہ هئي ته صرف انهيءَ حالت ۾ ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو دنيا ۾ اخلاق سڀني کان سٺو هوندو ان کي ملندي، جيئن ته حضرت سيدتنا اُمِّ سَلمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا جي حديث ۾ ذڪر آهي ۽ ٻي صورت هي آهي ته ان ڪيئي نڪاح ڪيا هجن ۽ ان جي آخري مڙس ان کي طلاق نہ ڏني هجي ۽ اها ان جي نڪاح ۾ فوت ٿي ته ان صورت ۾ اها جنت ۾ آخري مڙس جي نڪاح ۾ هوندي جيئن حضرت سيدنا ابو درداء رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي حديث ۾ آهي.

(ملخص از فتاوٰي حديثيه ص 70-71)

اخلاق ہوں اچھے مرا کردار ہو سُتھرا محبوب کا صدقہ تو مجھے نیک بنادے

(وسائلِ بخشش ص ۱۰۳)

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماڻهن کي نفعو پهچائڻ

حضرت سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته سلطان مڪہ مڪرمہ، تاجدار مدينہ منوره صلي الله عليه وآله وسلّم جو فرمان آهي: مومن سان اُلفت ڪئي ويندي آهي ۽ ان (شخص) ۾ ڪا ڀلائي ناهي جيڪو نہ ڪنهن سان اُلفت (يعني محبت) رکي نہ ان سان اُلفت ڪئي وڃي ۽ ماڻهن مان بهتر اهو آهي جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي. (شعب الايمان ج 6 ص 117 حديث 7658)

## ڏاڙيلن سڄي بس جي ڦر ڪئي پر مون کي ڇڏي ڏنو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** نيڪ ٻانهن سان ماڻهو محبت ڪندا آهن ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن ڏاڙيل بہ نيڪ ٻانهن جو احترام ڪندي انهن جي ڦر ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، جيئن ڏاڙهي، زلفن سان سنتن ڀري لباس ۾ ملبوس باعمامہ رهڻ واري هڪ مبلغ دعوت اسلامي جيڪي "نيڪ اعمال" جو عامل هجڻ سان گڏوگڏ تنظيمي طور ان جو ذميدار بہ هو، ان جو ڪجهه هن ريت بيان آهي تہ: هڪ ڀيري ڪيسي ۾ ڪافي رقم کڻي حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) کان ڪراچي وڃڻ لاءِ بس ۾ سوار ٿيس، اجا بس تقريباً اڌ ڪلاڪ جو سفر طئي ڪيو هوندو تہ اوچتو چار پنج ماڻهو مختلف سيٽن تان هٿيار کڻي بيهي رهيا، انهن مان

جيڪو ڏکي قد وارو هو هن بس ڊرائيور کي ٽڦ هٽي هٽايو، ۽ پاڻ بس هلائڻ لڳو. بس هڪ ڪچي رستي ۾ لاهي ڇڏي هاٽي ڌاڙيلن هلندڙ بس مان هر هڪ جي تلاشي وٺي هر هڪ کي ڦرڻ شروع ڪيو، بس ۾ خوف ۽ هِراس ڦهلجي ويو، مان بہ ڊنل هئس، منهنجي اڳيان ڪنڌار نوجوان ويٺا هئا ۽ مون کي انديشو ٿيو تہ ڪٿي هي ڌاڙيلن جي خلاف مزاحمت نہ ڪن ۽ ڌاڙيل فائر ڪري ڇڏين،

خير مان احتياطي طور تجديدِ ايمان ڪرڻ کان پوءِ اکيون بند ڪيون منهنجي پر واري سيٽ تي جيڪو نوجوان ويٺل هو هڪ ڌاڙيل ان جي تلاشي ورتي ۽ جيڪو هٿ آهيو کسي ورتو پر مون کي هٿ بہ نہ لڳايو ٻيو ڌاڙيل آيو تہ ان بہ انهيءَ نوجوان جي تلاشي ورتي تہ ان جي کنهن کيسي مان 100 روپيا نڪري آيو اهو بہ ڦري ورتو، پر مون کي ڪجھ نہ چيائون، ٽيئن ڌاڙيل مون ڏانهن اشارو ڪري وڏي آواز سان چيو تہ **مولانا صاحب کان ڦر نہ ڪجو**، اهو ٻڌي پنيان سيٽ تي موجود شخص موقعو ڏسي پنهنجي نوٽن جي دستي منهنجي پٺ ڏانهن ڪُرتي جي اندر وجهي ڇڏي ۽ ڪنهن عورت پويان کان پنهنجي سون جي چين هينان منهنجي پيرن جي طرف اڇلائي (هن جي خبر مون کي بعد ۾ پئي) بهرحال ڌاڙيل ڦرلٽ ڪري بس مان لٿا ۽ فرار ٿي ويا، هاٽي لُٽيل بس جي مسافرن

جو آواز نڪتو هُل هنگامو شروع ٿي ويو، ڪنهن مون ڏانهن اشارو ڪري رڙ ڪئي: هن مولانا کي پڪڙيو هي ڌاڙيلن جو ماڻهو لڳي ٿو ڇو ته ڌاڙيلن اسان سڀني کي لٽيو هن کي نه لٽيو، مان ڊڄي ويس ته هاڻي ڪٿي ماڻهو مون کي مار ڪُٽ نه ڪن، هڪدم غيبي مدد ٿي ته انهن مسافرن مان ڪنهن ائين چيو: نه يائرو! هي شريف ماڻهو آهي، هن جو لباس ۽ چهرو نٿا ڏسو! بس ان جي نيڪي ڪم آئي ۽ بچي ويو اسان گنهگار آهيون، اسان کي گناهن جي سزا ملي آهي.

## ڌاڙيلن کان حفاظت جو راز

ان اسلامي ڀاءُ جو وڏيڪ بيان آهي، الحمدلله ڀهريان ڌاڙيلن کان حفاظت ٿي پوءِ مسافرن جي طرفان ايندڙ شامت به ٽري ٿي، هي دعوت اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت جي ”مدني بهار“ آهي ته مان ڏاڙهي، زلفن ۽ عمامي شريف جو تاج سجائي، سنتن ڀري لباس ۾ ملبوس رهندو هئس نه ته مون کي شايد بيدردي سان قريو وڃي ها، مدني ماحول سان وابستگي کان ڀهريان مان فل ماڊرن رهندو ۽ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هئس، الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم ٿيو ته مون گنهگار کي دعوت اسلامي توبه جو رستو ڏيکاريو، نمازي بڻايو، سنتن جو رنگ چڙهايو، حضور غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سلسلي ۾ مريد بڻجڻ جو شرف ڏياريو، نيڪ بڻجڻ جي نسخي يعني ”نيڪ اعمال“ جو عامل ۽ پنهنجي پير صاحب طرفان ملڻ

واري "شجره قادريه رضويه" جا ڪجھ نہ ڪجھ ورد پڙهڻ وارو ٻڌايو جنهن ۾ هڪ ورد هي بہ آهي: بِسۡمِ اللّٰهِ عَلٰى دِيۡنِيۡ بِسۡمِ اللّٰهِ عَلٰى نَفۡسِيۡ وَ وُلۡدِيۡ وَ اَهۡلِيۡ وَمَالِيۡ يعني الله پاڪ جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين، جان، اولاد، گهروارن ۽ مال جي حفاظت ٿئي .(ترجمو پڙهڻ ضروري ناهي اول آخر درود شريف پڙهي وٺو) **فضيلت:** هي دعا روزانو ٽي ٽي ڀيرا (پڙهڻ سان) دين، ايمان، جان، مال سڀ محفوظ رهندا. (ان شآءَ الله) الحمدلله مان روزانو صبح ۽ شام هي ورد پڙهندو آهيان، منهنجو حسنِ ظن آهي تہ ڏاڍيلن ڪان حفاظت الله پاڪ جي رحمت سان انهيءَ وِرد جي برڪت سان ٿي، جڏهن دنيا ۾ ان جو هي ثمر (يعني فائدو) آهي تہ ان شاءَ الله مرڻ مهل بہ ايمان سلامت رهندو، منهنجي تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مدني التجا آهي تہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ مڪتبة المدينہ کان "نيڪ اعمال" جو رسالو حاصل ڪري ان جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪيو، ان شاءَ الله الڪريم ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿيندو .

## صبح ۽ شام ڇا کي چئبو آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! دعوت اسلامي جي ديني ماحول جون بہ خوب مدني بهارون آهن، ذڪر ڪيل وِرد ڪرڻ جا وقت يعني "صبح" ۽ "شام" جي تعريف سمجهي وٺو، جيئن "شجره قادريه رضويه" صفحي 9 تي آهي: اڌ رات ٽيڻ کان وٺي سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين "صبح" آهي، ان سڄي وقفي ۾

جيڪو ڪجهه پڙهيو ويندو ان کي صبح ۾ پڙهڻ چيو ويندو آهي ۽ منجهند ٽيڻ (يعني ظُهر جو وقت شروع ٿيڻ) کان وٺي سج لهڻ تائين ”**شام**“ آهي. انهيءَ سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو ويندو ان کي شام ۾ پڙهڻ چئبو آهي .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امير اهلسنت جي ٻيرون ملڪ روانگي (ٿوري گهٽي تبديلي سان گڏ)

8 صفرالمظفر 1444 هجري بمطابق 5 سيپٽمبر 2022 جي رات مدني چينل تي پاڪستان ۾ سيلاب زدگان جي خدماتِ دعوت اسلامي تي مشتمل پروگرام بنام”مدد جي گهڙي آهي“ ۾ اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علاّمہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي شرڪت ٿي، ان کان بعد پاڻ سچل ڳوٺ (ڪراچي) FGRF جي تحت لڳڻ واري سيلاب زدگان جي امدادي ڪيمپ تي اچي ڪري اتي موجود دعوتِ اسلامي جي ذميدارن جي حوصلا افزائي فرمائي ۽ خوب دعائن سان نوازيو. گهر کان روانگي جي وقت سندن پوٽي حاجي اُسيد رضا عطّاري (سلّمه الباري) سفر جي دعا پڙهائي ۽ پوءِ معمول موجب توبهہ ۽ تجديدِ ايمان جو سلسلو ٿيو ۽ سندن ڪجهه سنيون سنيون نيتون بہ ڪرايون. گفتگو دوران موت جي ياد تي پاڻ هڪ وڏو عبرت انگيز جملو ارشاد فرمايو: ”جوان هليو ويندو آهي ۽ پوڙهو رهجي ويندو آهي، ٿوري دير بعد پاڻ اچ لڳڻ تي پاڻي پيئڻ کان اڳ دعا پڙهي ۽ پوءِ پاڻي پيتائون.

چوتہ امدادي ڪيمپ کان فوراً بعد باهرين ملڪ فلائٽ هئي ۽ وقت گهٽ هو هن تي سندن تشويش جو اظهار فرمايو تہ جلدي جي ڪري امدادي ڪيمپ تي اچڻ وڃڻ واري ڪنهن مسلمان جي دل آزاري نہ ٿئي. ڪيمپ وٽ پهتا تہ اتي حڪومت سنڌ جي طرفان هڪ غالبًا سنڌي ماڊرن نوجوان پنهنجي ڪنهن اداري جو نالو وٺندي عرض ڪيو: مان اوهان جي تشريف ڪٺي اچڻ تي اوهان جو شڪريہ ادا ڪيان ٿو ان تي سندن ان کي شفقت ڏيندي ۽ دين جي ويڌيڪ ويجهو ڪرڻ جي لاءِ فرمايو: مان اوهان کي مديني جي تسبيح تحفي ۾ ڏيان ٿو ۽ پوءِ ڪيسي مان مديني جي تسبيح ڪڍي ان کي ڏنائون. ان کان بعد (Airport) ڏانهن سفر شروع ٿي ويو، پاڻ ائيرپورٽ تي لهڻ کان پهريان ارشاد فرمايو: انشاءَ الله الڪريم ربيع الاول شريف جو چند ڪراچي ۾ ڏسڻ جي نيت آهي، پوءِ ٻارهن راتيون مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو."(13هين جي رات بہ مختصر مدني مذاڪرو ٿيندو آهي.)

اي عاشقانِ رسول! اَمِيرِ اهلسنّت "يادگارِ اسلاف" آهن. يعني سندن جي هر قول و فعل سان بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي ياد ايندي آهي جيئن تہ سندن جي هن مختصر جدول ۾ سنين سنين نيتن کي ئي ڏسي وٺو.

اڳوڻي زماني جا هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان هر ڪم ۾ نيت پسند ڪندو آهيان ايستائين جو کائڻ، پيئڻ، سمهڻ ۽ واش روم ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ بہ. (احياء العلوم، 126/4) واقعي اميراهلسنت جي

صحبت وڏي ”نعمت“ آهي. اوهان بہ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. اللہ پاڪ! اميراهلسنت کي درازيءِ عمر بالخير عطا فرمائي. اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّین صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم

مرشدی عطار پر! نور کی برسات ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net